# صفائي جي اهميت

**26-December-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صفائي جي اهميت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

آمنہ جي دلبر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جنهن سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهيو هوندو. (ترمذي، أبواب الوتر، باب ماجاء في فضل الصلاة علي النبي ،٢ /٢٧، حديث: ٤٨٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس

✿ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ✿ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُواللّٰه , تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ✿ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز چو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اج اسان جي بيان جو موضوع آهي"صفائي جي اهميت"، اج جي بيان ۾ اسان ٻڌنديون سين: ڊرائيور جي موت جو سبب ڇا هيو؟ گندگي جا ڪهڙا نقصان آهن ۽ گندو رهڻ واري کي ڪن ڪن شين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي؟، صفائي جي باري ۾ اسلام اسان کي ڪهڙي تعليم ارشاد فرمائي آهي؟، قرآن ۽ حديثن ۾ صفائي سترائي جي ڪهڙي اهميت بيان ٿي آهي؟، کائڻ کان پهريان ۽ بعد جي وضو جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن؟، ڪچري جي ڍير ۾ لڳڻ واري باھ ڪهڙي تباهي مچائي، دل جي صفائي ڪيتري قدر ضروري آهي، اهي تمام شيون اِنْ شَآءَاللّٰه اج جي بيان ۾ اسان ٻڌنديون سين. اللّٰه پاڪ اسان کي سڄو بيان سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب فرمائي. آمين

## ڊرائيور جو پُراسرار موت

هڪ ٽرڪ ڊائيور هوٽل ۾ ماني کاڌي ۽ ماني کائڻ کان پوءِ تڙپي تڙپي مري ويو. ٻين ڪيئي ماڻهن بہ ان هوٽل ۾ ماني کاڌي پر انهن کي ڪجھ بہ نہ ٿيو، تحقيق شروع ٿي، ڪنهن ٻڌايو تہ ڊائيور ماني کائڻ کان پهريان هوٽل جي ويجهو ٽرڪ جا ٽائر چيڪ ڪيا ها، پوءِ هٿ ڌوئڻ کان بغير ئي ان ماني

ڪاڍي هئي. پوءِ ٽرڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو ويو تہ ظاهر ٿيو تہ ٽائر جي هيٺان هڪ زهريلو نانگ چيپاٽيو پيو هو جنهن جو زهر پوري ٽائر تي ڦهلجي ويو ۽ ڊرائيور جي هٿن تي لڳي ويو، هٿ نہ ڌوئڻ جي سبب مانيءَ سان گڏ اهو زهر بہ پيٽ ۾ هليو ويو جيڪو ڊرائيور جي يڪدم موت جو سبب بڻيو.
(فيضانِ سنن، ص 187)

## گندگيءَ جا نقصان

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان! انساني صحّت جي لاءِ صفائي سُٿرائي ڪيتري ضروري آهي جڏهن تہ گندگي ڪيتري خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي، ڊرائيور (Driver) کي زهريلا هٿ نہ ڌوئڻ جي ڪري موت جو شڪار ٿيڻو پيو، لھٰذا جيڪڏهن اسان بيمارين کان بچڻ چاهيون ٿيون، جيڪڏهن اسان جراثيم جي حملن جو شڪار نٿيون ٿيڻ چاهيون، جيڪڏهن اسان پنهنجي صحت کي غنيمت سمجهون ٿيون، جيڪڏهن اسان ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي ڳري فيسن جو بار برداشت نٿيون ڪري سگهون، جيڪڏهن اسان اسپتالن جي بسترن جي زينت نٿيون بڻجڻ چاهيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان صاف سٿرو رهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون، ڇوتہ گندگي انساني صحت جي دشمن آهي، گندگي بيمارين جو سبب آهي، گندگي نفرت جو باعث بڻجندي آهي، گندگي ڊاڪٽرن ۽ دوائن جو محتاج ڪرائيندي آهي، گندگي شين کي وقت کان پهريان ئي پراڻو ڪندي آهي، گندگي مڇرن جي پيدائش جو سبب آهي، گندگي ديني ڪمن ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي ويندي آهي، صفائي جو خيال نہ رکڻ واري معاشري ۾ پنهنجو وقار وڃائي ويهندي آهي، صفائي جو خيال نہ رکڻ واري جي ڪو عزت ناهي ڪندو، صفائي جو خيال نہ رکڻ واري ڪڏهن ترقي ناهي ڪري سگهندي، صفائي جو خيال نہ رکڻ واري احساسِ ڪمتري ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي، الغرض گندگي ڪوڙ ساري خرابين جو مجموعو آهي ۽ صفائي جو خيال نہ رکڻ واري ڪنهن بہ نموني ساراهہ لائق ناهي، بيان ڪيل واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو! جڏهن بہ

ماني کاڌي وجي تہ ياد ڪري کاڌي جو وضو ضرور ڪرڻ گهرجي يعني چڱي نموني هٿ ۽ وات جو اڳيون حصو ضرور ڌوئڻ گهرجي ۽ گرڙي بہ ڪري وٺجي، ان ڪري اسان روزانو انهن هٿن سان ڪوڙ ڪم ڪنديون آهيون، جنهن جي سبب ميل ڪچيل، بي شمار جراثيم اسان جي هٿن سان چنبڙجي ويندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه کاڌي جو وضو ڪرڻ جي برڪت سان نہ صرف اسان جي هٿ منهن وغيره جي صَفائي ٿي ويندي آهي بلڪ اسان کي ڪيئي بيمارين ۽ جراثيم کان بہ تحفُّظ (Protection) حاصِل ٿي ويندو آهي. حديث سڳورين ۾ تہ باقاعده ان جون ترغيبون بہ موجود آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ 5 فرمانِ مُصطَفٰي ٻڌون ٿيون، جيئن

## کاڌي کان پهريان ۽ بعد جي وضو جون فضيلتون

(1) ارشاد فرمايائون: کاڌي کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ محتاجي کي دور ڪندو آهي ۽ اهو رسولن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سُنّتن مان آهي. (معجم اوسط ،۲۳۱/۵،حديث:۶۶ ۱ ۷)

(2) ارشاد فرمايائون: جيڪو هي پسند ڪري تہ اللّٰه پاڪ ان جي گهر ۾ خير (يعني ڀلائي) گهڻي ڪري تہ جڏهن کاڌو حاضر ڪيو وڃي (تہ) وضو ڪري ۽ جڏهن ڪنيو وڃي (تہ) ان وقت بہ وضو ڪري." (ابن ماجه،ڪتاب الاطعمه،باب الوضوء عند الطعام،۹/۴ ،حديث:۳۲۶۰ )

(3) ارشاد فرمايائون: کاڌي کان اڳ وضو ڪرڻ هڪ نيڪي ۽ کاڌي کان پوءِ ڪرڻ بہ نيڪيون آهن. (جامع صغير، ص۵۷۴،حديث: ۹۶۸۲)

(4) ارشاد فرمايائون: کائڻ کان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني هٿ ۽ منهن جو اڳيون حصو ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي آڻيندو ۽ شيطان کي پري ڪندو آهي. (ڪنزالعمال، ڪتاب المعيشة والعادات، الباب الاول، جز۱۵، ۸ /۱۰۶،حديث:۴۰۷۵۵)

(5) ارشاد فرمايائون: ڪاڌي ۾ بَرَڪت جو ذريعو ان ڪان پهريان وضو ڪرڻ (يعني ٻئي هٿ ڪرائين تائين ڌوئڻ) آهي ۽ ان ڪان پوءِ (يعني ڪائڻ ڪان پوءِ) وضو ڪرڻ آهي. (ترمذي، كتاب الأطعمة، باب ماجاء في الوضوء...الخ ،٣/٣٣٤،حديث:١٨٥٣ ملتقطاً)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** هنن پنجن حديث سڳورين جو خلاصو هي آهي: ڪاڌي جو وضو محتاجيءَ کي پري ڪندو آهي❖ ڪاڌي جو وضو انبياء ڪرام جي سنت آهي❖ ڪاڌي جو وضو گهر ۾ خير کي وڌائيندو آهي❖ ڪاڌي جو وضو ڪاڌي ڪان پهريان هڪ نيڪي ۽ ڪاڌي ڪان پوءِ ٻه نيڪيو ڪرڻ آهي❖ ڪاڌي جو وضو شيطان کي پري ڪندو آهي❖ ڪاڌي جو وضو ڪاڌي ۾ برڪت جو ذريعو آهي❖ الله اسان کي عمل جي توفيق ڏي.

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** هتي اها ڳالهه ذهن نشين رهي ته ڪاڌي جي وُضو مان مُراد نَماز وارو وُضو ناهي بلڪ هن مان مراد ٻئي هٿ ڪَرائين تائين ۽ منهن جو اڳيون حصّو ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ آهي.حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ تحرير جو خلاصو مدني گلن جي صورت ۾ هيءُ آهي: ❖ تَوريت شريف ۾ ڪاڌي ڪان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جو حڪم هو، پر قوم جي شريرن تحريف ڪري پهريان وارو مٽائي ڇڏيو ۽ ڪاڌي ڪان بعد هٿ ڌوئڻ کي باقي رکيو ❖ ڪاڌي ڪان پهريان هٿ منهن ڌوئڻ جو حڪم ان ڪري آهي جو هٿ منهن ڪم ڪار ۾ مصروفيت جي سبب ميرا ٿي ويندا آهن ❖ ڪاڌي ڪان پوءِ هٿ منهن ڌوئڻ جو حڪم ان ڪري آهي جو ڪائڻ ڪان بعد هٿ ۽ وات سٿيا ٿي ويندا آهن ❖ ڪاڌو ڪائي ڪري گرڙي ڪرڻ واري ڏندن جي موذي مرض ڪان محفوظ رهندي ❖ (مرآة المناجيح، 32/6 ملخصًا)

**ڪاڌي ڪان پهريان ۽ بعد هٿ منهن ڌوئڻ جا ڪيئي طبي فائده آهن.** ❖ جيئن ماهرين جو چوڻ آهي ته پيٽ جا جراثيم گهڻي طور ڪاڌي پيتي جي دوران انساني جسم ۾ داخل ٿيندا آهن ❖ هٿ منهن نه ڌوئڻ جي سبب جلدي امراض پيٽ جا امراض ۽ ٻيون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون ❖ ڪڏهن ڪڏهن ٻين مريضن جي ٽڪڻ، ڇڪ ڏيڻ ۽ کنگڻ جي سبب بيمارين جا جراثيم اسان جي هٿن تي لڳي ويندا

آهن، ڪاڌي کان پهريان چڱي طرح هٿ منهن ڌوئڻ سان انهن کان بچي سگهجي ٿو. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ ڪاڌي کان پهريان ۽ بعد هٿ منهن ڌوئڻ جي عادت بڻائي وجي. ها ان تي ثواب تڏهن ملندو جڏهن سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت بہ هوندي . اللّٰہ پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! صفائي سُٿرائي بهترين عادت آهي. اميري هجي يا غريبي، تندرستي هجي يا بيماري هر حال ۾ صفائي سُٿرائي عزت ۽ وقار جي محافظ آهي. دينِ اسلام جتي انسان کي ڪفر و شرڪ جي نجاستن کان پاڪ ڪري عزت و بلندي عطا ڪئي اتي ظاهري پاڪيزگي، صفائي سُٿرائي ۽ پاڪيزگي جي اعليٰ تعليمات جي ذريعي انسانيت جو وقار بلند ڪيو، بدن جي پاڪيزگي هجي يا لباس جي سُٿرائي، ظاهري شڪل و صورت جي عمدگي هجي يا طور طريقن جي بهتري، گهر ۽ سازو سامان جي بهتري هجي يا سواري جي صفائي، الغرض هر هر شيءِ کي صاف سٿرو رکڻ جي دينِ اسلام ۾ تعليم ۽ ترغيب ڏني وئي آهي، جيئن ارشادِ باري آهي:

## سُٿرا ماڻهو اللّٰہ ڪريم کي پسند آهن

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ (پ۲،البقرہ:۲۲۲) .

ترجمو: بيشڪ اللّٰہ توبہ ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو.

جڏهن تہ احاديثِ مبارڪ ۾ بہ مختلف هنڌن تي صفائي سُٿرائي جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي. اچو! هن باري ۾ 7 حديث سڳوريون ٻڌون ٿيون، جيئن

## حديث سڳورين ۾ صفائي جي اَهمِيت

(1) ارشاد فرمايائون: اَلطُّهُوْرُ نِصْفُ الْاِيْمَانِ صفائي نصف ايمان آهي.
(مسند احمد، مسند الكوفيين،۳۵۸/۶،حديث:۱۸۳۱۵ملتقطاً)

(2) ارشاد فرمايائون: بيشڪ اسلام صاف سٿرو (دين) آهي تہ توهان بہ صفائي سُٿرائي حاصل ڪريو ڇوتہ جنت ۾ صاف سٿرو رهڻ وارو ئي داخل ٿيندو. (كنز العمال،كتاب الطهارة،الباب الاول في فضل الطهارة ،جزء۹، ۱۲۳/۵،حديث:۲۵۹۹۶)

(3) ارشاد فرمايائون: جيڪا شيءِ توهان کي ملي وڃي ان سان صفائي سُٿرائي حاصل ڪريو، الله ڪريم اسلام جو بنياد صفائي تي رکيو آهي ۽ جنت ۾ صاف سٿرا رهڻ وارا ئي داخل ٿيندا. (جمع الجوامع، ۱۱۵/۴،حديث: ۱۰۶۲۴)

(4) ارشاد فرمايائون: جيڪو لباس توهان پايو ٿا ان کي صاف سٿرو رکو ۽ پنهنجي سوارين جي سار سنڀال ڪريو ۽ توهان جي ظاهري حالت اهڙي صاف سٿري هجي جو جڏهن ماڻهن ۾ وڃو تہ اهي توهان جي عزت ڪن.
(جامع صغير،ص۲۲، حديث: ۲۵۷)

حضرت علامہ عبد الرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديث ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ هر اها شيءِ جنهن سان انسان نفرت ۽ حقارت محسوس ڪري ان کان بچيو وڃي، خاص ڪري حڪمرانن ۽ عالم سڳورن کي انهن شين کان بچڻ گهرجي. ( فيض القدير،۲۴۹/۱، تحت الحديث: ۲۵۷ ملخصاً)

(5) ارشاد فرمايائون: لازم آهي هر مسلمان تي تہ هر ست ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن غسل ڪري جنهن ۾ مٿي ۽ جسم کي ڌوئي. (بخاري،كتاب الجمعة، باب هل علي من لم يشهد...إلخ،۳۱۰/۱،حديث: ۸۹۷)

حڪيم الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هتي هڪ ڏينهن مان مراد جمعي جو ڏينهن آهي. مطلب اهو آهي تہ هفتي ۾ جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ گهرجي تہ جيئن بدن بہ صاف ٿي وڃي ۽ ڪپڙا بہ ۽ جمعي جي رش ۾ مسلمانن کي تڪليف نہ ٿئي، ڇو تہ مٿي ۾ جونءِ مَر وڌي ويندو آهي، ان ڪري خصوصيت سان ان جو ذڪر ڪيو ويو نہ تہ جسم ۾ اهو

ٻه داخل هو. غسل ۾ گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ۽ تمام جسم جو ڌوئڻ اسان وٽ فرض آهي. (مرآة المناجيح،۱/۳۴۵ تا ۳۴۶ ملتقطاً)

(6) حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان وٽ تشريف فرما ٿيا، هڪ شخص کي ڏٺائون جنهن جا وار وکريل هئا، فرمايائون: ڇا هن کي اهڙي شيءِ ناهي ملندي جنهن سان وارن کي گڏ ڪري وٺي ۽ ٻئي شخص کي ميرا ڪپڙا پاتل ڏسي فرمايائون: ڇا هن کي اهڙي شيءِ ناهي ملندي جنهن سان ڪپڙا ڌوئي وٺي. (ابوداؤد، كتاب اللباس، باب في غسل الثوب وفي الخلقان، ۴/۷۲، حديث: ۴۰۶۲)

(7) حضرت عطاء بن يسار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا، رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مسجد ۾ تشريف فرما هئا. هڪ شخص آيو جنهن جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار وکريل هئا، حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان ڏانهن اشارو ڪيائون، ڄڻ وارن کي درست ڪرڻ جو حڪم ڏئي رهيا آهن. اهو شخص وار درست ڪري واپس موٽيو ته نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”ڇا اهو هن کان بهتر نه آهي جو ڪو شخص وکريل وارن سان ايندو آهي ڄڻ ته اهو شيطان آهي. (موطا امام مالک، کتاب الشعر، باب اصلاح الشعر، ۲/۴۳۵، حديث: ۱۸۱۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل حديث سڳورين مان معلوم ٿيو! صفائي الله ڪريم کي پسند آهي، صفائي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پسند آهي، صفائي انسان کي جنت ۾ داخل ڪندي، صفائي تي اسلام جو بنياد رکيو ويو آهي، صفائي انسان کي عزت بخشندي آهي ۽ صفائي جو اهتمام نه ڪرڻ واري کي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سمجهايو، تنهنڪري هر هڪ کي گهرجي ته اها پنهنجي جسم ۽ لباس وغيره کي نجاست کان پاڪ رکڻ سان گڏوگڏ مَر مٽي وغيره کان ٻه صاف رکي. پنهنجي مٿي جي وارن کي ٻه درست رکي. ننهن (Nails) ٻه گهٽا وڌڻ نه ڏئي ڇوته ان ۾ مر مٽي پرجي ويندو آهي،

پوءِ اهو ڪاڏي وغيره ڪائڻ ۾ پيٽ اندر پهچندو آهي جنهن سبب طرح طرح جون بيماريون پيدا ٿيڻ جو خطرو رهندو آهي.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! تي سگهي ته هر جمعي جو غسل ۽ صفائي جو اهتمام ڪيو، ۽ ننهن وغيره ڪٽيندا ڪيو ❖ ڏند سان ننهن نه ڪٽڻ گهرجن، اهو مڪروه آهي ۽ هن سان برص(يعني اهڙو مرض جنهن ۾ بدن تي سفيد داغ ٿي پوندا آهن ان جي) پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي. (ردالمحتار مع در مختار،ڪتاب الحظر والاباحة، فصل في البيع، ۹/ ۶۶۸) ❖ ڏگها ننهن شيطان جي نشست گاھ آهي. يعني ان تي شيطان ويهندو آهي. (ڪيميائے سعادت، ۱۶۸/۱) ❖ ننهن يا وار وغيره ڪٽڻ کان پوءِ دفن ڪرڻ گهرجن. بيت الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروه آهي، هن سان بيماري پيدا ٿيندي آهي. (درمختارمع ردالمحتار،ڪتاب الحظر والاباحة،فصل في البيع، ۶۶۸/۹) ❖ ننهن ڪٽائڻ کان پوءِ آڱرين جا پورا ڌوئڻ گهرجن. ❖ ❖ نڪ جا وار نه اُکيڙجن چوته هن سان آڪله نالي بيماري پيدا ٿيڻ جو خوف آهي. (فتاويٰ هنديه ،ڪتاب الڪراهية،الباب التاسع عشر في الختان والحصا...الخ،۳۵۸/۵) (آڪله پاسي ۾ ٿيڻ واري ان ڳوڙهي کي چوندا آهن جنهن سان گوشت ۽ ڪل سڙي ويندي آهي ۽ گوشت ڪرڻ لڳندو آهي.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جهڙي طرح اسان پنهنجي بدن، لباس، استعمالي شين ۽ گهر کي صاف سٿرو رکون ٿيون اهڙي طرح گهر جي ٻاهر جي اطراف کي به صاف سٿرو رکڻ اسان جي اخلاقي ذمه داري آهي. وڏن شهرن ۾ انتظاميه جي طرفان رهائشي علائقي کان ٿورو پري هڪ هنڌ مقرر هوندو آهي، اتي آس پاس جا ماڻهو پنهنجي گهرن جو ڪچرو اڇلائيندا آهن پوءِ اتان کان انتظاميه جون گاڏيون ان ڪچري کي کڻي وينديون آهن، پر ڪي ماڻهو عين روڊ جي وچ ۾ يا ڪنهن جي گهر جي اڳيان ڪچري جا ڍير لڳائڻ شروع ڪندا آهن، هڪ کان پوءِ ٻيو ۽ وري ٿيون به پنهنجي گهر جو ڪچرو اتي اڇلائيندو آهي ته ڄڻ لائن لڳي ويندي آهي، اهو ئي هنڌ عوامي طور تي

ڪچرو ڪوندي سمجهيو ويندو آهي، پر جنهن جي گهر جي ٻاهر اها ڪاروائي ڪئي ويندي آهي اهو ڪهڙي ڏک ۽ تڪليف مان گذرندو آهي ان جو حال اهو ئي ٻڌائي سگهي ٿو جنهن تي اها گذري هجي. اچو! هن باري ۾ دل ڏڪائيندڙ هڪ خطرناڪ واقعو ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو،

## افسوس ناڪ حادثو

هڪ ڀيري ڪراچي جي علائقي ڪٽا مارڪيٽ ۾ رات جي وقت ڪچري جي ڍير ۾ لڳڻ واري باهه جي دونهي هڪ رهائشي بلڊنگ جي پهرين منزل ڪي پنهنجي وڪڙ ۾ ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ ساهه ٻوساتجڻ سان 7 سالہ آمنہ، 3 سالہ ايان ۽ هڪ سالہ عبد العزيز زندگي جي بازي هاري موت جي وادي ۾ هليو ويا جڏهن تہ ٻارن جي امڙ کي تشويش ناڪ حالت ۾ I.C.U ۾ داخل ڪيو ويو. الله ڪريم مائٽن کي صبر جميل ۽ ان تي ثوابِ عظيم عطا فرمائي. (آمين) ڪچري جي ڍير ۾ باهه ڪنهن جاڻي واڻي لڳائي يا ڪنهن جي غلطي جي ڪري ڀڙڪي پئي، بهرحال هڪ خاندان کي وڏو صدمو رسيو. ٽئي ننڍڙيون مرڪندڙ مکڙيون ڪومائجي ويون ۽ خوشين ڀري گهر ۾ اداسي ڇانئجي وئي. هن حادثي جو ذمہ دار ڪنهن کي قرار ڏنو وڃي؟ پاڙي وارا جيڪي ان رهائشي عمارت جي هيٺ ڪچري جا ڍير لڳائيندا رهيا ۽ ناسمجهي ۾ ٻين جي موت جو سامان تيار ڪندا رهيا، يا وري انهن ماڻهن کي ذمہ دار قرار ڏنو وڃي جيڪي هر مهيني جي پگهار کڻن ٿا پر صفائي ڪرڻ جي ذمہ داري پوري نٿا ڪن. ائين بہ ٿيندو آهي جو اهي ماڻهو هفتن جا هفتہ بلڪ مهينن تائين پنهنجي شڪل ناهن ڏيکاريندا، پوءِ جڏهن ڪو اهڙو حادثو (Accident) ٿي ويندو آهي تہ پنهنجي ڪوتاهي ۽ سستيءَ کي تسليم ڪرڻ جي بدران ٻين تي الزام لڳائي جان ڇڏائيندا آهن.

شهرن ۾ جڳهہ جڳهہ اٿلجندڙ گٽر جن جو پاڻي گهٽين ۽ رودن تي هڪ تلاء جي صورت اختيار ڪري ويندو آهي ۽ اڪثر جاين تي ڪچري جا ڍير هن ڳالهہ

ڏانهن ـہ اشارو ڪري رهيا آهن تہ مجموعي طور تي اسان صفائي سُترائي جي معاملي ۾ اسلامي اَحڪامات تي عمل ڪرڻ ڇڏي چڪيون آهيون. اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي گهروارن، خاص ڪري پنهنجي ٻارن کي شروع کان صفائي سترائي واري تربيت ڏيون. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو لباس توهان پايو ٿا ان کي صاف سُترو رکو ۽ پنهنجي سوارين جي سار سنڀار ڪريو ۽ توهان جي ظاهري حالت اهڙي صاف سٿري هجي جو جڏهن ماڻهن ۾ وڃو تہ اهي توهان جي عزت ڪن. (جامع صغير،ص٢٢،حديث:٢٥٧) اسان کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن جو هي ذهن ٺاهيون تہ پنهنجو گهر صاف رکڻ جي لاءِ گلي ۾ ڪچرو نہ اڇلايون، گهٽي کي صاف رکڻ جي لاءِ چوڪ کي ڪچرو ڪنڊي نہ ٺاهيون، (ماهنامه فيضان مدينه، فروري2017ملخصاً)

## دِل جي اِصلاح جي ضرورت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ظاهري صفائي سُترائي بابت ٻڌي رهيون هيوسين. ياد رکو! ظاهري جسم ۽ لباس جي صفائي سُترائي پنهنجي جڳهہ تي پر دل جي اصلاح ۽ پاڪيزگي بہ نهايت ضروري آهي، جيئن

سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ طهارت نشان آهي: معلوم رهي تہ جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪر آهي، جيڪڏهن اهو نيڪ ٿي وڃي تہ سڄو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو بگڙجي وڃي تہ سڄو جسم بگڙجي ويندو آهي، خبردار اها دل آهي. (بخاري ،کتاب الايمان ،باب فضل من استبراء لدينه، ١/٣٣،حديث٥٢)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ تحت لکن: يعني دل بادشاهہ آهي جسم ان جي رِعايا، جيئن بادشاهہ جي دُرُست ٿيڻ سان تمام مُلڪ نيڪ ٿي ويندو آهي، ائين ئي دل جي سنڀلجڻ سان سڄو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي، دل اِرادو ڪندو آهي جسم ان تي عَمَل جي ڪوشش ڪندو آهي، ان ڪري صوفي سڳورا (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِمْ اَجْمَعِين) دل جي اِصلاح تي گهڻو زور ڏيندا آهن. (مرآة المناجيح،٢٣٠/٤ ملتقطاً)

ڪپڑے میں رکھوں صاف تو دل کو مرے کر صاف      اللّٰہ تو مدینہ مرے سینے کو بنا دے

امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ظاهري عملن جو باطني وصفن سان هڪ خاص تعلق آهي. جيڪڏهن باطن خراب ٿئي ته ظاهري عمل به خراب ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن باطن حَسَد، رِياڪاري ۽ تڪبُّر وغيره عيبن کان پاڪ هجي ته ظاهري عمل به دُرُست ٿيندا آهن. (منهاج العابدين،الباب الاول ،العقبة الاولي ، ص ١٣،ملخصًا) باطني گناهن جو تعلق عموماً دل سان گڏ هوندو آهي. تنهنڪري دل جي اِصلاح گهڻي ضروري آهي. امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻئي هنڌ تي فرمائن ٿا: جنهن جي حفاظت ۽ نگراني تمام ضروري آهي اها دل آهي ڇوته اها تمام جسم جي اصل آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن توهان جي دل خراب ٿي وڃي ته سمورا عضوا خراب ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن تون ان جي اصلاح ڪري ونين ته باقي سمورن عضوئن جي اصلاح خود بخود ٿي ويندي. ڇوته دل وڻ جي ٿُڙ جيان آهي ۽ باقي عضوا ٽارين جيان، ٽارين جي درستي يا خرابي وڻ جي ٿڙ تي موقوف آهي. ته جيڪڏهن تنهنجي اک، زبان، پيٽ وغيره درست هجن ته ان جو مطلب اهو آهي ته تنهنجي دل درست آهي ۽ جيڪڏهن اهي سمورا عضوا گناهن ڏانهن راغب هجن ته سمجهي وٺ ته تنهنجي دل خراب آهي. پوءِ توکي يقين ڪرڻ گهرجي ته دل جو خراب ٿيڻ نهايت سخت ڳالهه آهي. ان ڪري دل جي درستي ڏانهن سمورو ڌيان ڏي ته جيئن سمورن عضوئن جي اصلاح ٿي وڃي ته جيئن تون روحاني راحت محسوس ڪرين. پوءِ دل جي اِصلاح نهايت مشڪل ۽ دشوار (Difficult) آهي ڇوته ان جي خرابي خطرات ۽ وَسوسن تي مُشتَمِل آهي جن جو پيدا ٿيڻ ٻانهي جي اختيار ۾ نه آهي. ان ڪري ان جي اصلاح ۾ پوري هوشياري، بيداري ۽ تمام گهڻي جدوجهد جي ضرورت آهي. (منهاج العابدين ،الباب الثالث، العقبة الثالثة، ص٩٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميراهلسنت جي ايپ جو تعارف

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! نيڪن جون ڳالهيون ٻڌڻ سان ٻ دل صاف ٿيندي آهي ۽ روحانيت پيدا ٿيندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه اميراهلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن دور ۾ اسلافن جي ياد ڏياريندڙ شخصيت آهن. جوته اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پاڻ خوفِ خدا رکڻ واري ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ واري شخصيت آهن. تنهنڪري سندن جي گفتگوءَ ۽ ڪردار سان متاثر ٿي ڪري ڪيئي دلين ۾ خوفِ خدا جي شمع روشن ٿي آهي. سندن جي گفتگوءَ جي برڪت سان ڪيئي ماڻهو گناهن کان توبهہ ڪري سنتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي رهيا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي جي هڪ شعبي مجلس آئي ٽي اميراهلسنت جي موبائل ايپلي ڪيشن مولانا الياس قادري جي نالي سان لاؤنچ ڪئي آهي، جنهن ۾ اميراهلسنت جو تعارف، سندن جا ويڊيو آڊيو ڪلپس ۽ مختلف ڪتابن ۽ رسالن جي سهولت موجود آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپ انسٽال ڪيو ۽ اميراهلسنت جي فيضان مان فائدو حاصل ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سُنّت جي فضيلت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سنتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## مسواڪ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گل " مان مِسواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿيون. پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: ❖ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ❖ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ❖ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ❖ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ❖ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ❖ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ❖ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو. ❖ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي. ❖ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو. ❖ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو. ❖ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو. ❖ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي. ❖ پهريان ساڄي طرف کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو. ❖ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي. ❖ مسواڪ جي فضيلتن ۽ فائدن جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخ

طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي ”مسواڪ شريف ڪے فضائل“ جو مطالعو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب !     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَالله! **آئنده هفتي جي بَيان جو موضوع** هوندو:” شرم و حيا ڇا کي چوندا آهن“ جنهن ۾ اسان شرم و حيا جي اهميت، معاشري ۾ شرم و حيا جو ڪردار ۽ بزرگن جي شرم و حيا جا واقعا ٻڌنديون سين. لهٰذا! **آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو،** نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ڀين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي چئو: اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب !     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد